# گڻيش جنم

سيتا جي ماءُ وٽ وڻ وڻ جي ڪاٺي اچي مڙي هئي. صفحي جي هڪ ڪنڊ مان اگربتين ۽ چندن جو واس پئي آيو- ڪمري مان سڄ فرنيچر ڪڍي پٽ تي چادرون ۽ تڏا وڇايا ويا هئا جن تي وينل ڪيئن زالون ۽ هڪبہ مردبہ نظر پئي آيا. ”جئہ گڻيش ديو, ماتا جا نڪي پاروتي پتا شنڪر ديو“ جي ڌني پئي هلي. سيني جي اک وري وري اگربتين واريءَ ڪنڊ ڏي تي ويئي ۽ هٿ پئي جوڙيئون- صندليءَ ڪي گونتي لڳل ڳاڙهي ستين سان ڍڪي مٿس چاندي جي ٿالهيءَ ۾ اڌ انچ جي گڻيش ڪي سڻي پيلي ڪپڙي ۾ ويڙهي رکيو ويو هو. صندليءَ جي اڳيان جيڪو پيلو پلاسٽڪ جو رومال وڇايل هو سو سڄو پئلين آڏين رپين ۽ نوٽن سان, شرڌالن پري چڙهيو هو.

صندليءَ اڳيان ويني هئي, اچي ساڙهيءَ ۾ نراڙيءَ تي تلڪبڙي ڌنل سنيتا جي ماءُ, شرڌا ۽ وشواس جي سرهڻي سان سندس منهن پئي چمڪيو. ٿالهيءَ ۾براجمان مورتيءَ ۾ سندس نظرمئي نہ, اصلڪ ساهہ اٽڪيل پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڌنيءَ جي لئہ تي تاڙي هڻندي جهومي پئي هڪبڊڙيءَ جي تالي تاڙي هٽي جهونگاريو ”گرو اسان جي گهر ۾ آيو پاڳ پلا تي پانيان گوش ٿي آهيان... سندس پير ۾ وينل جوانڙي ڪيسبس ڪرمئي ۽ اونچي سر ۾ ڳڻڻ لڳي ”آج ميري گهر پريتمهئي..“ شرڌالن جي تاڙي ۽ جهومبند ٿي ويئي.

جوتيڪا راءِ جي هن وسريل گيت ۾ جيڪو جادو هو تنهن سيني کي مندشي چڙهيو. سنيتا جي ماءُ جون تہ اکيونبند ٿي وينيون جل ڌارانون سندس ڳلن تي واٽ ناهڻ لڳيون...

گيت پورو ٿيو تہ در تيهبينلپاهران آيل شرڌالون عورتون اندر ڌوڪي آيون. موليءَ اٿي ڪڙي تي. سندس وڏو ٿلهو سريمبرف جهڙو اڇو, تنهن تي هيرن جي مٽين جا چلڪاٽ- سيني جون اکيون وڃي مٿس ڪتيون. گلابي چپن مان آواز نڪتو ”جن درشن ڪيو آهي سي هلنديون ٿيو تہبين کي جاءِ ملي..“

”نمبلبا، (نک تي جانو پري جواب ڏنائين) مان اهڙا ناستڪ ويچار رکاڻ نه ٿي ڪين- هي ته سڏو سنواٽو گڻيش جنم ورتو آهي. پٽر مان مورتي ٺهندي آهي تنهن هرڪو پوڄيندو آهي سو هيءَ ته....“

پوءِ ته جيترا هئا مک، تيتريون هيون ڳالهيون، ڪڇ اوتار، مڇ اوتار نرسنگ اوتار..“

هيري ماءُ چيو ”جمنلباءِ تو جو ڏينگ اڇليو ته هي رڳو ناريل جو ٻچو آهي سو اهو ته ٻڌاءِ پوءِ وڌندو ڇو پيو وڃي؟“

هيءَ ته وڏي ڳجهارت هئي جا جمنا کان به سلي نه ٿي ويئي. سندس شڪل مان ظاهر هو ته ناريل نظر ايندي به سندس اندر ۾ ڪجهه ڪڙهي رهيو هو. آهستي پڇيائين- گهٽا ڏينهن ٿيا آهن هن کي وڌندي؟“

”اڙي جمنا پيڻ، سڄا سارا پنج ڏينهن ٿيا اٿس. سو به ڏاڍو ڇتائي ڇتائي شرطائي شرطائي پوءِ مهنجي گهر پڏاريو آهي.... پهرئين ڏينهن خواب لڌم، ته گڻيش مهراج پاڻ منهنجي مٿن وٺ بيٺو آهي، چويم وينو ڪلهه کان ورت وات ۾ ونيو ويٺي آهين، هاڻي اٿي چلهو چونڪو ڪر... مون کي بک لڳي آهي“... اٿي ڪڙي ٿيس. پر مورتي انتر ڌيان ٿي ويئي. وري ٻئي ڏينهن به ساڳيو خواب. تڏهن چيومانس ”پوءِ ظاهر رڇو نٿو ٿين؟ مان ته هردم، تنهنجي ٻڌي ٻانهي آهيان“ وري به ڏسان گم. نيٺ ٽئين ڏينهن چيائين ”اڇي تو وٽ جنم وٺندس“ مان ٻاڏائڻ لڳيس چيم ”سنيتا جو پيءُ ته سرڳ ۾ آهي مون وٽ جنم لهي مون کي ٿڪو ڏيندين ڇا؟“

کلي چيائين ”منهنجو جنم بلڪل سوکيم، ٿيندو“ مان اٿي ڏسان ڪٽي ته سڄي پگهر ۾ شل ٿي ويئي آهيان. گڻيش سواميءَ جي ڪل ٻئي ڪنن ۾ وڃيم. اوچتو وڃي ناريل تي نظر پيم. جان ڪٽي پڇي اڌ ڪيان ته ڏسان ناريل جي هيٺان گڻيش جي سونڊ نڪري آئي آهي. هي چمتڪار ڏسي مان ته ايڏي خوش ٿيس جو ڇلبڌايان؟ اٿي سنان ڪري ٿي زريءَ

سنيتا جي ماءُ پٽ تي پٿاريل اڇي ڪير جهڙيءَ پترانيءَ تي اٿي ڳنڍڙي ٿي ويهي رهي.
سنيتا ڪيس ڏونڌاري چيو، "ڏسجانءِ اڄ ته اخبار وارا تنهنجو فوٽو ڪڍڻ ايندا. شايد ٽي ويءَ وارا به.... او ممي يو آر گريٽ!"
مگر مميءَ جي اکين اڳيان ور ور ڪري اهوئي نظارو ڦري رهيو هو جيڪو جمنيءَ وچڻ مهل چيو هو هاٿي ڪيس گڻيش جي مورتي بربر ناريل جو انڪري ئي نظر اچڻ لڳي.
جڏهين سنيتا اچي چيو، "هيٺ ته ڏس ممي ڪيترا ماڻهو پيا اسان جي گهر اچن!"
تڏهن ماءُ چرڪ ڀري اٿي کڙي ٿي. اڄ ته سندس گهر ۾ حشام ماڻهن جا درشن لاءِ آيا ۽ ويا پر ڪنهن به سندس منهن تي اهو وشواس اها خوشي اهي جل ڏاريڪون نه ڏٺيون. هوءَ نر اتساهه نبل پراڻيءَ جيان اکيون بند ڪيو بت مبڻي ويٺي رهي.
ستن ڏينهن ڪان پوءِ به جڏهن مورتيءَ ۾ فقط پاءُ انچ جيترو به واڌ نه ٿي الٽو ناريل جا سنهري نرم وار ان تي پرگهٽ ٿيڻ لڳا، تڏهن سنيتا جي ماءُ خود اٿي مورتيءَ کي ڪڇ ۾ جهلي ئي صبح صبح سمنڊ ڏي هلڻ لڳي. هڪ پل لاءِ خيال آيس جي اڄ به هيڏا ماڻهو اچن ته انهن کي ڇا چونديس ڪهڙو منهن ڏيکاريندس انهن کي، ڇو نه پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيان...!"
مگر جڏهن لهرون وڪڙ وڪڙ ڪندسيون سندس پيرن وٽان مٿي چڙهڻ لڳيون، تڏهن سنيتا جي ماءُ پاڻ کي نه، فقط مورتيءَ کي ئي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو.....

”نهين ته ڪوئي ڪارڻ ڪين هو. شايد منهنجي من ۾ سرلا کي ڏسي نوان ڪپڙا سينٿون، ڪريمون وغيره نه پهچي سگهڻ تي چڙ چڙ ٿي هوندي.“

”نه ليکن ڪين هو. نالو منهنجو سنتوش آهي پر من ۾ تنهنجي سنتوش جو واسو آهي.“ مٺي مرڪ هئي اندوءَ جي چپن تي. چيائين ”شايد هيءُ ڪارڻ هو جو منهنجي نوڪريءَ جي ڊيوٽي ڏينهن جو ته توهان جي رات جو هئي. ان ڪري ڪجهه هڪٻئي لاءِ سڪ، خارن جي منزل ٽپي وڃي پهتي هئي.... ۽ ڪجهه ڪجهه اوشواس به جاڳيو هوءُ ٻنهي جي من ۾.“ اندو سرڪي جڻ ڏوهه جي قبوليت پنهنجو مٿو سنتوش جي ٻانهن ۾ ڇاتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو.

”وشواس جي ڳنڍ آهي يگانتر.“ سنتوش جهڪي پير ۾ ستل يگانتر کي اکين سان لڳايو ۽ مهينا اڳ واريءَ ڇڏيل رات جو پهلو، اڄوڪيءَ رات سان ٻڌي ڇڏيو.

رات گذري وڃڻ کان پوءِ به اندوءَ کي انڌڪار جي جل مئيءَ جي ڪٿي ڪني يا ڪنڊي نظر نه ٿي. يگانتر کي انڌڪار جي چولين کان مٿي ڪٽي پنهنجي اکين جي پرڪاش سان ڇهيائين ۽ نرم ڳلن جي ڇهاءَ سندس اندر ۾ هڪ پرسپر احساس ڦهلايو جو به پرڪاش مئي هو. مگر انڌڪار منجهس هر هر سُميبا جي پروٽوپلازم جون آڱريون ٺئي ڦهلايون.

ٻوٽيل اکين مان ڳوڙها ڳڙي اچي ڳولن تي پيا. ڪيترو پيارو آهي هي يگانتر مگر مان نوڪريءَ تي وڃان، ته ڪيس اڌ ڪلاڪ ڪير سنڀاليندو؟“ آخري نوٽيس جي پني جا اکر اندوءَ جي ٻند اکڙين ۾ چمڪڻ لڳا. پهرين تاريخ اگر نوڪريءَ تي نه چڙهي سگهينءَ ته نوڪري ختم سمجهجهه. ڪيڏي هڻ پچاڙ کان پوءِ ملي هئي ايڏي پگهار واري نوڪري. نه ته شايد يگانتر به جنم نه وٺي سگهي ها. هر مانسڪ خوشيءَ جي احساس لاءِ ڪيڏي قيمت چڪائڻي ٿي پوي. هي ويچار به تيز ڇريءَ جهڙو ڪٽيندڙ هو.

گهر جي ٻاهران ٻليءَ جي مياءُ مياءُ ٻڌڻ ۾ آئي ته يگانتر ڇرڪ ڀريو. اندوءَ کيس کڻي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو. ڪلهه ٻلي جڏهن پونگڙو وات ۾ کڻي اندوءَ جي گهر آئي هئي تڏهن اندوءَ جي سس ويٺي هئي. چيائين "اٿي ٻليءَ کي جلد ڪڍ، متان تنهنجي پٽ جا ڪپڙا نه اورانگهي وڃي. "اندوءَ ٽاٽمايو ته سس چيو، "هيءَ ته پونگڙا کڻي ست گهر گهمندي، جلدي ڪنديس ته گهر ۾ انهه اچي ڏهو ڪڍي وهيئي. اندوءَ کي ٻليءَ تي رحم پئي آيو. هڪڙيءَ چير پيل پليٽ ۾ ٿورو کير وجهي ٻليءَ کي ڏيکاريندي ٻاهر کڻي ويئي. واپس اچي سس جي اڳيان ويهندي، سندس سيني مان هڪ ٿڌو ساهه کڄي ويو.

هتي هيءَ عورت نه پٿر جي مورتي ويٺل هئي نه ته ٻليءَ وانگر اندوءَ پنهنجو يگانتر کڻي هڪ ڏينهن سس وٽ ويئي هئي. کيس چيو هئائين "منهنجي ماءُ يگانتر کي نه ٿي ويهاري، الاجي ڇو اجان تائين هن جا منهنجي پسنديءَ جي شادي ڪرڻ تي خار نٿا لهن."

سس خنڪيءَ سان چيو هو، "سو سمجهين ٿي تنهنجي يگانتر کي ڇا مان ويهي پاليندس؟ پٽ جا گونهن مٽ ميڙي وڏو ڪيم ته وڃي پنهنجي مرضيءَ جي ڌارينءَ آڪهه مان شادي ڪري آيو. هاڻي هن کي نپايان. نمبلبا نه. جيڪي ڄڻين سي نپائين. مون کي پنهنجون ساهيڙيون- سڏيون ستسنگ انسنگئي گهڻا آهن. پنهنجو من وندرايو ويٺي آهيان..... ڇڏي ڏي نه تون اها نوڪري."

"گهر جو خرچ ڪيئن هلندو؟" اندوءَ جڻ پنهنجي منهن چيو، ڳاٽي ڀڳي ته مسواڙ آهي.... پوءِ ڇهه نه مڙس کي ته ڪا وڏي پگهار واري نوڪري ڳولي."

"امي وڏي پگهار واري نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار ته آهي پر ملي نه."

"ٽٻار ڇو ڄڻجن؟"

اندوءَ جي دل کي سخت جهٽڪو آيو. سندس شڪل لهي ويئي. هوءَ يگانتر کي ڪٺي وڃي دريءَ وٽ بيهي ٻاهر جو جائزو وٺڻ لڳي. ڇو ڇڻجن؟ ڪيڏيءَ ٻي احساس مٽيريلزم اچي ويئي آهي اسان جي وچولي طبقي ۾. هن يگانتر جي ڳلن سان پنهنجا ڳل ڇهڻي چيو، ”منهنجو منو يگانتر“ ٻيليءَ ٻه انڌڪار جي پرلڪ ۾ ميڪو ميڪو ڪندي گهرن جيءِ ٻاهران پونگڙن جي رکڻ لاءِ آسان پيچي رهي آهي.

اندوءَ آهستگيءَ سان يگانتر کي پلنگ تي ليٽڻي ڇڏيو. پاڻ ٻه سندس پير ۾ ليٽي پيئي. اوهه ٿنگن ڏکهين ڪرڻ ۾ ٻه ڪيڏو نه آرام آهي. ليڪن ڪيستائين؟

اڄوڪو ڏينهن ته گذري ويندو. سڀاڻي ته صبح ٿيڻ سان نوڪريءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو. سنتوش ڪمار رات جي ڊيوٽي ڏيئي ايندو. ٿڪل هوندو. نند اچي وڃيس ته يگانتر کي ڪير ڪير پياريندو؟ مان سڄي ڏينهن جيترو ڪير ناهي وڏي ٿرماس ۾ رکي ويندس. صوف جي رسي ٻه ڪڍي رکي ويندس، مگر ٻاڙهي ٿي ويندي. سنتوش کي ياد پوندو الاجي نه؟ ته پلا مان ڇا ڪريان؟“

اندوءَ کي لڳو هر هر سندس من اندر ڦهليل پرڪاش کي انڌيري جون اگريون گهٽڻ پيئون اڇن ڪاشبين ملڪن وانگر هتيءَ ٻه هنڌ پٽ ڪريچ ڪليل هجن سرڪار پاران.

اندوءَ جي وڏيءَ ڀيڻ هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ چيو هوبهو اتيئي ته نوڪري ڇڏي تونئي ڪٺي اهڙي سنستا ناهه جتي وچولن ڪٽنبن جون نوڪري ڪندڙ زالون پنهنجا ٻار ڇڏي وڃن. جنهن تن لاڳي سوتن جاڻي تنهنجوٻه ڪم تو جهڙين جوٻه ڪم.

هوبهو جهاز جي چند ڦوڪ نوڪريءَ واريءَ هن ڀيڻ جي صلاح اندوءَ کي ان مهل ته ڪين آنڙي هئي. خاص ڪري جڏهن سنتوش خاطري ڏني هئي ته هو ڏينهن جو گهر ۾ هوندو پاڻيهي يگانتر جي ديک ڀال ڪندو... پر ڪان جوت جو چيچاٽ ايندي جڏهن

سنتوش ڪمار خفي ٿي ويو ”هئڪو، ٿورو وڏو ٿئي ته الُمندر ڪولج، پوءِ هڪ سنڌي اسڪول ۾ ڪولج اچان وڏو ٿئي ته ڪاليج ۾ تون ئي ڪولي ڏجائنس...“

”سنتوش، هي چا پيو چوين؟ چا وري رسڻ جي ڳاڙ لڳي لٿي؟ مون چيو نہ ”هاڻي يگانتر ڪان پوءِ اسان جو وڙهڻ ٻند؟“

”پر اندو تون پنهنجون ڊگريون تہ ڏس.“

”مون ڪي ڊگرين ڪان وڌيڪ منو آهي يگانتر. وڏي ۾ وڏي ڊگري تہ منهنجي يگانتر آهي.“

# ستيءَ جو چبوترو

مبنارس يونيورسٽيءَ جي ليڊيز هاسٽل ۾ ليلا ديديءَ جي ڏاڍي عزت هئي. اڪثر ڇوڪريون ڪيس وڪوڙي ويندي هيون ته ”هن ڳالهه جو مطلب ڇا، هيءَ ڳالهه ڪيئن آهي؟“

ليلا ديدي ايم اي جي آخري سال ۾ هئي. اڄ ڪيسڀي اي جي ڇوڪرين پڪڙي ويهاريو هو ته هوءَ کين اهو رازٻڌائي ته هاسٽل جيبلڊنگ پٺيان ڪمپائونڊ جي پٺ وٽ جيڪو مباغيچو هو تنهن ۾ ڇوڪريون پڙهڻ لاءِ ڇو ويندي هيون آهن. ليلا ديدي کلڻ لڳي ”پلا اهوبه ڪو سوال آهيباغيچي ۾ هوا سٺي آهي، وڻن، خاص ڪري ليمن جي وڻن مان خوشبوءِ پئي اچي. اڪيلائي شانتي... پڙهڻ ۾ چت لڳڻ لاءِ اهڙي وايو منڊل جيئي ته ضرورت آهي.“

”نه“ وشنيءَ ضد ڪيو. ”ضرورٻيوبه ڪجهه هوندو. خاص ڪري نيلما کي اتي ستيءَ جي چبوتري تي وينل ڏسي، مون کي شڪ پوندو آهي ته انهي چبوتري تي ويهي پڙهڻ ۾ ڪوئي راز هوندو.

اجان لفظ وشنيءَ جي وات ۾ئي هئا جو صندل تي وينل سڀ ڇوڪريون ليلا سميت ماٿ تي ويون. سيني جي نظر نيلما تي هئي جيڪا پنهنجي روم مان نڪري صندل وٽان هلندي مني مرڪ ۽ گلاب جي سڳنڌ ڦهلائيندي هلي ويئي. ٿئي پاسي وارين ڪوٺين طرف جتي سندسئي ڪلاس جي هڪ فرسٽ ييئر فيلو رهيل هئي.

صندل تي وينل ڇوڪرين کان سيسڙاٽ نڪري ويو. ڪنهن چيو، ”شيطان جيباري ۾ ڳالهاءِ ته شيطان حاضر.“

ليلا ديديءَ وات سان چه چه ڪري چيو، ”ڪير پلا هن گلاب جي گل کي شيطان سان مشلبهت ڏيڻ جي همت ڪندو.“

ڪلندي ڪلندي سيني چيو، ”هلو ته باغ ۾ هلي ستيءَ جي چبوتريءَ تي محفل مچايون.
ڏسون نيلما اسان کي پير رکڻ ڏئي ٿي چبوتري تي.
هي ستن سيتلائن جو ميڙاڪو جڏهن باغ ۾ پهتو، تڏهن پري کان ڏسي مڱڻيءَ چيو
”ڏسو ڏسو، نيلما آسمان ۾ ڪجهه ڳولهي پيئي...“
هن ميڙاڪي کي ويجهو ايندو ڏسي نيلما اٿي کڙي ٿي ۽ يڪدم وٺن پٺيان ڦري واپس
هاسٽل ۾ هلي ويئي. سيني نيلما کي ڏس ڪيا پر هوءَ غائب ٿي ويئي.
ليلا ديديءَ ٿڌو ساهه کڻي چيو ”ويچاري.“
مڱڻيءَ ڪجهه انگريزي ڪجهه هنديءَ ۾ چيو، ”هيءَ ته حد آهي، توهين سڀ هتي اچي
وينيون نيلما کي ملڻ لاءِ ۽ هوءَ ڀڄي ويئي. پوءِ به ديدي چوي ٿي ”ويچاري“ چوڻ کپي
نئٽ مئنرس“
ليلا ديديءَ جي هاسٽل جي شاگردن ۾ ايڏي عزت هئي جو مڱڻيءَ جو هن طرح ڳالهائڻ
سيني کي ڏاڍو برو لڳو.
ليلا ديديءَ صبر سان چيو، ”ويچاري“ چو چيو ”اها توکي خبر آهي؟“
”هن اسان کي ڪجهه نه چيو ميدان ڇڏي ويئي انکري ويچاري هوندي ڇا؟“
”نه ليئن ڪانهي. توکي خبر آهي ته نيلما ودوا آهي.“
مڱڻي وات تي هٿ رکي چيو، ”او، نو، نه، نه.“
”توکي خبر آهي ته هتي ودوا جي ڪهڙي حالت آهي؟“
مڱڻيءَ پريشانيءَ ۾ چيو، ”مگر هيءَ هيتري ننڍي، هن جي ته مون سمجهو اجان شادي به ڪئي
نه ٿي هوندي.“

ڪنڌ سان هاڪار ڪندي ليلا ديديءَ چيو، ”هنجي شاديءَ ڪيٻال وواهه چوندا آهن. ڏاڍي وڏي راجلعي خاندان مان آهي نيلما. سندس پيءُ کي ڪنهن سبب پئسن جي ڏاڍي تڪڙي ضرورت پيئي هن کيس هڪ وڏي زميندار سان پرڻئي ڇڏيو.“

هڪ عجيب ماڻ ڇانئجي ويئي ستيءَ جي چبوتري مٿان. چوڏاري وڻن ۾ ڪن جهرڪين جي چون چونٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي. ليمن جي وڻن مان سرهاڻ هوا سان ڪجي اچي هنن ڇوڪرين جي ميڙاڪي جو وات ڪٿو ڪيو.

مئگي ڏاڍي ويچار ۾ هئي. ڪو ڪيلا کيس ڏونڌاري چيو، ”هلو هلي گنگا ڪناري وهون سج لهڻ جو نظارو ڏسون....“

مئگيءَ چپ تي آڱر رکي چيو، ”پر ليلا ديدي، توهان جي انديا ۾ ليئن چو آهي، جو مرد وري وري پيا شاديون ڪن، مسلمان ته جيئري تي جيئريون شاديون ڪن، ليڪن زالن لاءِ وڌوا وواه پاپ آهي؟“

سيني ڇوڪرين پنهنجي پنهنجي آواز ۾ هن ٽاپڪ تي ڳالهايو. جوش ۾ اچي ميران چيو، ”ڇا هن نيلما کي زندگيءَ ۾ ڪي ارمانئي نه هوندا؟“

ليلا ديديءَ هڪ اداس ڪل اچلي چيو، ”ان ڪان گهٽا ارمان هنن ڇوڪرن جي هاسٽلن ۾ جاڳڻ شروع ٿيا آهن...“

”مطلب؟“ مئگيءَ پڇيو.

”ڇوڪرن ايڏا خط لکڻ شروع ڪيا آهن جو هاسٽل جي ماتا جي ته ڪڪ ٿي پيئي آهي. هڪڙو خط ته نيلما کيهه نوٽيسٻورڊ تان مليو هو. هڪڙو خط ته نيلما کيهه نوٽيس ٻورڊ تان مليو هو. مون کي اچي ڏيکاريو ويچاريءَ.“ ڇوڪرين وني ليلا ديديءَ کي ڏونڌاريوٻڌاءِ ڇا لکيل هو. لکيل هو، ”تون جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ رستي تان لنگهندي آهين، تڏهن ليئن لڳندو آهي رستي جي ڏامر مان شعاع نڪرڻ لڳندا آهن. رستي جو رنگ

رستا تنهنجي قدمن وٽانئي ڦٽن ٿا ۽ تنهنجن پيرن کي ڇهي ڪري اهو ڪرتارپڙو ڪنيون پري پري تائين هليا پيا وڃن. ڪيترو اڃا ۽ ملائم آهن تنهنجا پير. هر قدم سان تنهنجي چال هڪ عجيب اندر جال پيدا ڪندي اسان جي هاسٽل ڏي اچليندي ويندي آهي. اسين جوان ان مهل انهي سترنگي جال ۾ ڦاسي سن ٿي ويندا آهيون. رجني گنڌا جي ٿارين جهڙيون تنهنجون ٻانهون, هوا ڪان هلڪي ڪومل ٻدن جي ٻنهي پاسي لهرائينديون هلنديون آهن تڏهن لڳندو آهي تنهنجين آڱرين ۾ رجني گنڌا جون ٻند مکڙيون کلڻ لاءِ آتيون آهن. هي مکڙيون کلڻ کان اڳ ئي هيڏي سڳند ٿيون ڦهلائينديون وڃن ته جڏهن ڪنهن گلي جو سپرش ڪري کلي پونديون تڏهن ڪهڙي هوندي اها سڳند, ساري پرٿوي جل ٿل آڪاس سڳند جو ساگر لهرائي اٿندو ان مهل. اهو ڀاڳيشالي شخص تڏهن ساري سنسار کان وڏيڪ سني رکندو انهن ڪومل گلابي اڌرن تي... اڻٻوٽيل پرڪاش پريون اکيون جڏهن انهيءَ پياري ڏي ڏسنديون تڏهن سونا ورق ڪنهن ٻرقي حرڪت سان جري ڇڏيندا هن جو جيءُ...”

ليلا ديديءَ واتان خط جو هيڏو ٻيان ٻڌي ٻيون سڀ ته منتر مڳڌ ٿي ٿي ويئون پر مئگي ڏاڍي مونجهاري ۾ اچي ويئي. چٽپٽائي چيائين, ”پر هن ڇوڪريءَ جي وري شادي ڪرڻ ۾ ڪهڙو گناهه آهي؟“

سيني ڇوڪرين اهڙي ڳالهه جي جواب لاءِ ليلا ديديءَ ڏي منهن ڪري ڇڏيو.

ليلا ديدي پهرين ته ڪا ڪن مئگيءَ طرف ڏسندي رهي, پوءِ آهستي چيائين, ”نيلما تمام وڏي گهراڻي جي ڇوڪري آهي, جتي ٻي شاديءَ کي گهر گهلائي سمجهيو ويندو آهي. هوءَ ته هن عمر ۾ ڇئن ٻارن جي ماءُ آهي.“

هڪ ڇوڪريءَ سوال ڪيو، ”ديدي نيلما پڙهي پوءِ ڇا ڪندي“.

”ڇو پڙهڻ پنهنجي سر هڪ شڪتي ناهي؟“

ٻئي پڇيو: ليڪن ته ڪين ٿيندو جو هيءَ وري وڃي گهر گرهست ۾ ڦاسندي. سڄو ڏينهن اٺو ڳوهينديٻارن کي ٻارن جيٻارن کي لوليون ڏيڻ ۾ گذاريندي.

”ڌت“ مڱيءَ کان نڪري ويو. ”اڙي ههڙي ڇوڪري ڪوئي ڪارخانو کڻي کولي تبه لک ڪمائيندي“ ليلا ديدي ”ساري“ ڇٽي مڱيءَ تي حملو ڪري ويئي، ”مڱي پئسو ڪمائڻئي زندگيءَ ۾ جو هڪئي اديش ناهي جيوت کي سڦليبنائڻ جو- ٿي سگهي ٿو سندسٻي شادي رچائي وڃي. يا هڪ ايم اي پاس عورت جنهنٻيٻاک نموني گهر گرهستيءَ کي هلائي سگهندي سو ڇا گهٽ ٿو لڳي توهان کي؟“

هاڻي ڪياڙي ڪنهندي هرهڪ پنهنجي راءِ ڏني ڪنهن چيو: هن کي گهٽو گهٽو پڙهي پرنسپال ٿيڻ کپيٻيءَ چيو ههڙي سهڻي اگر ڊاڪٽرياڻي ٿي وڃي ته اسان جي ملڪ جون جيڪي گريوئيون زالون هن ڊاڪٽرياڻيءَ وٽ ايندون سي هن جهڙا سهڻاٻار پئدا ڪنديون. مڱي وڏي اکيون ڦاڙي ستيءَ جي چبوتري تي هٿ نڪاءَ ڪري چيو، ”مان ته چوان ٿي مان اگر شاديءَ کان پوءِ وڌوا ٿي ويس ته وري ضرور شادي ڪنديس. زال ذات مڙسٻنا نه ٿهي مرد پلاٻنا زال جي هلي سگهندا آهن.... جيئن منهنجو ڀڳدي آهي. اسان جي مميءَ ته مرڻ مهل انجام ورتس ته تون وري ضرور شادي ڪندين- تيسين اصل ساهه نه پيو نڪريس ويچاريٻيماريءَ کان ايڏو پريشان هئي..... ڇهه ڇهه...“

مڱيءَ طرف ڏسي ليلا ديديءَ چيو ”مڱي ميرچنداڻي هڪ ڳالهه تنهنجي مڃڻي پوندي تون ڏکي ۾ ڏکي ڳالهه ڏاڍي سولائيءَ سان ڪري ٿي وڃين..... مثلا هي ماءُ جي موت جي ڳالهه...“

”ڇا هي ان ۾ حقيقتئي نه آهي“

هڪ سڪيءَ ڏانهس يڪ ٽڪ ويٺي نهاريو. انهي چيو، ”پوءِ مڱگي چو، مينگهي تنهنجو نالو آهي انسان چو نہ سڏيون توکي؟“

”او نو نو نوٽبارن وانگر مڱگيءَ انگل ڪيو. اوچتو چيڪئين ٽاقي هڪ ڳالهہ هن نيلما مبلبت هيڏيون سپ خبرون ڪين پيون توهان کي؟“

”اڙي واهہ“ ليلا ديدي ساڙهي چندي اٿيبيني ”رامايڻ پورو ٿي ويو هاٽي ٿي پچين رام ڪير هو.“

مڱگي ليلا ديديءَ جيبانهن ڪٽي جهلي.... آخر ليلا ديديءَ کي چوٽو ٿي پيو، ”مانبہ نيلما جيئي ڳوٺ جي تہ آهيان.“

چرڪ پرجي ويو سيني ڪان.

مون کي لڳو غصو چيم، ”پڙهي ڳڙهيو آهي ڇا سنڌي ڪونہ ٿو سمجهي ڇا جو مالتي هئہ ۽ ڦالتي هئہ لڳڻڪي ويني آهين.“

بس ڊڪ ڀڄڻي وني ڀڄي ماءُ وٽ. اميءَ ٻہ ٽڙو ساهہ ڪڍي چيو، ”ڏيءَ موٽي نہ ملڪ ڦٽو، جو وڏيون ڇوڪريون گهر ۾ ويهجي ويئون ٻارن جي ٻولي وجي ڀيئي ڀي ٿيندي.“ حالتن ڊڪر تہ مون کي ٻہ ڇچاڙهي ڇڏيا آهن. سون جهڙو ڀاڻ ٻدلجي ويو آهي، ماڻ ٻہ هاٿي گهڻڪي پيرا چڙهون ڏنيون آهن جي اهلہ ٿي پوي هيڏانهن هوڏانهن تہ...“

# مچو

”تو پيار ڪيو هو مون ڪونہ ڪيو هو.“

”ڇا پيئي چوين نيلما؟“

”بس اڄ 27 سالن جي شاديءَ واريءَ پيڙا ڪانپوءِ هي سڀ چئي سگهي آهيان.“

”نيلو اڄ اسان جا شادي ڪرڻ لاءِ ٻار ڀينا آهن ۽ تون انهن جي سامهون هي سڀ ڇا چئي رهي آهين.“

”سچ چئي رهي آهيان مون ڪي ڪڏهن بہ توسان پيار ڪين ٿيو هو. تون پنهنجي پنيان پٺين خط لکيئہ بدنامي تي ويئي ان ڪري توسان شادي ڪيم. ماٺ ڇلائنجي ويئي ڪن لاءِ.“

”زخم ڏيئي چئيئہ نيلو. هي تہ زخم اهڙو ڏنو اٿيئي جو مرڻ تائين ڪين ڇٽندو.“

”توڪان شراب ڇڏائڻ لاءِ جيڪي ٻارهن سال مون پيڙا سٺي اهو دردبہ مرڻ تائين مون کان ڪين وسرندو.“

”مگر نيلو، مٺي مون ڪهڙيبہ حالت ۾ توکي ليئن ڪين چيو آهي تہ توسان پيار ناهي مون کي.“

”مان ڪٿي ٿي چوان توکي پيار ناهي. مان تہ چوان ٿي مون کي توسان ڪڏهن پيار ٿيو ئي ڪين.“

”تہ ڇا مان ٿي پاڳل هئس تو پنيان؟ جوتشيءَ چيو: نيلم جي زندگيءَ جي ليک ڏاڍي ننڍي آهي. مون جوتشيءَ جي چوڻ تي پوڄا شروع ڪئي ڪتان ڪتان وڃي ستن کوهن جو پاڻي ڪنو ڪري آيس. ڦوتا، سوپاريون، انب جون ڪانيون خبر ناهي ڇا ڇا چيو هو جوتشي ساڌوءَ، سڀ ڪنو ڪري پيپر جي وڻ هيٺان ويهي تنهنجي لنبيءَ عمر لاءِ جپ ڪيم. اهو سڀ ڇا هو؟“

.پر اهو سڀ تو پاڻ لاءِ ڪيو. توکي زال گهٽي عرصي لاءِ گڏ ڪپندي هئي مون لاءِ اهو سڀ تو ڪيومئي ڪين.“

”آهه نيلو هيڏن ماڻهن اڳيان تو اڄ هي سڀ ڇا چئي وڌو آهي.... ڪهڙو نياڳو آهيان مان. ماءُ ڌڪاريو، پينرن ڌڪاريو، مان توسان اڪيلو گهر ٺاهي اچي وينس، مگر تنهنجو پيارمه نصيب ۾ نه هو. ته ڪهڙو آهي هي جيئڻ..

”چو ڪهڙو آهي جيئڻمبس جيئرا آهيون مان سڀ فرض نيايان ويني.“

هي سارومبحث هن طرح شروع ٿيو هو. نيلوءَ جي ماسي ڪيتري عرصي کان پوءِ ولائت کان موٽي هئي، سا سوڪڙي ڪٽي نيلوءَ جي سس سان ملڻ ويئي. نيلوءَ جي سس ماسي جو سيٽڪو آڌرياءُ ڪيو. پوءِ اچي پيئي ماضي جي ورقن کي اٿلائڻ ۾ ”ماسي، توهين دل ۾ نه ڪجو پر سچ ٿي چوانو ته منهنجا آندا وچوڙيا توهان جي ياٽيجيءَ. منهنجا پٽ راڌو ۽ سنيل ڌار ٿيڻ وارا ڪين هئا. نيلوءَ اچي منهنجي وڏي ننهن کيمه ڪاري چڙيو.“

ماسيءَ چيو، ”مون ته لبئنمبڌو هو ته هڪ رات توهان نيلو ۽ گهوٽس کي نڪري وڃڻ لاءِ اهڙو مجبور ڪيو جو هو ساري راتمباهر دڪين تي وينا رهيا ۽ پوءِ پوئين صبح جو نيلوءَ جي پيڪن ۾ وڃي پهتا.“

”ڪوڙ آهي اهو سڀ. مون پٽن ننهن کي ڪڏهن ڪين ڪڍيو. توهان کي خبر آهي منهنجو پتي گذاري ويو تمبارمبلڪل ننڍا هئا. مان خود وڃي منهن ڍڪي دڪانن تي وينيس. ٿي ٽيئر چار پٽ هيڏو ڪٽنب پالٽو هو. مون کي ڏيرن گهٽومئي چيو، پاءُ خود چيو: هاٽي دڪان اسان کي ڏيئي ڇڏ مهينو پهچڪينداسين پر مونمبچن جو قوت ڪنهن کي نه ڏنو. سو سڀ اهو ڏينهن ڏسڻ لاءِ ڇا تمبار مون کان جدا وڃي رهن؟...“

ماسي جڏهن نيلوءَ جي سس وٽان موٽي تڏهن اها ڳالهه اچي ياٽيجيءَ سان ڪيڪين.

ياٽيجي روئي پيئي، ”مون ڪيو؟ ها سڀ مون ڪيو.“ چئي ڏجهڻ لڳي. ماسي ڪيس پرچڪئڻ

ماسيءَ ٻُگل تي هٿ رکي اکيون ڦاڙي چيو، ”منهنجي پيٽ گٽيءَ- گٽيءَ توکي جدا ٿيڻ لاءِ چيو. ويچاريءَ کي پنهنجو هلڻ هو پوءِ توکي جدا ڪري پاڻ وٽ ته ڪين ويهاري سگهي ها؟“

”پاڻ وٽ ويهارڻ ته پري رهيو. پر ادا جيڪي مون کي ڏينهنڪ ڪاڇڻ تيهه وينو اکر ڳالهائيندو هو. سيهڏڻ ڪانءُ‌يهاهر هئا. مٿان سسهه هڪ ڏينهن ڪڍي ڇڏيو.

”ته آخر سس جو توهان کي ڪڏي ڇڏيو ته ڪيڏانهن ويا؟“

”وياسين ڏرم شالا ۾. ماءُ ٿورلباسڻ ۽ هنڌ ڏنو سمجهوسين هاڻي گهٽ ۾ گهٽ اسان جو ٻار ته اسان وٽ رهي سگهندو...“

”ٺئي گروڙا، تڏهين ڇا سسٽي توهان کيٻارڀ گهر ۾ رکڻ ڪونه ڏيندي هئي؟“

”ماسي تڏهنٻيا دک ڪهڙا هئا. هن کي هيءَ ڇوت ڇات گهٽيٻار مٿيو هنگيو، ته اصل حيران ڪري وجهندي هئي. اهڙي ڪٽي ڇپ ڇپ ڪندي جو توهين ته جيڪر ڏسو ته اصل سراپجي وڃو. وري ڪم ڪو هو اسانٻنهي ڏيرياڻين مٿان. اصل ڏيڱوبه جيڪر جان ڪري ڇڏي.“

”منهنجي سس ٿيئرن کي ڪم ڪرڻ نه ڏيندي هئي. چي، ساهري وڃي ڪم ڪنديون هتي ڇو ڪن.“

ماسي پهرين ته وسهيءَ ۾ ٻئجي ويئي، پوءِ رکي رکي چيئين، ”من مون کي تهڏاءِ تنهنجي گهوٽ ڇا ويني ڪيو؟ ماءُ کي چوندو ڪين هو تهار منهنجو گهر ۾ پلجي. ساهرن ۾ جتي اڳيئي ڇانگ لڳي پيئي آهي اتي ڪيئن موڪلبس؟“

نيلوءَ جي اکين مان هاڻي جهر جهر آنسون وهڻ لڳا. روئندي چيئين، ”هن کي ايتري همت ڪٿي هئي. وڏي ڳالهه سس سڄو ڏينهن پيئي ٺوڪيندي هئي ته مئا ڏکا پيا کڻو

ماسي ڳل تي هٿ ڏيو ڪجھ دور جي سوچي رهي هئي. نيلو اکيون پوري اندر خبر ناهي ڪهڙو دسرشيہ ڏسي رهي هئي ۽ پون پيلو منهن ڪريہنهي نارين ڏانهن ور ڪري ليئن ڏسي رهيو هو جڻ چوندو هجي- سئيا موري مئين نهين ماکن کايو. ڪمري ۾ ڪجھ ڪٽن لاءِ تہ ايڏي چپچپات لڳي ويئي جڻ ڪير هوئي ڪين.

آخر پون ڳالهايو. چيائين، ”ممي تون ڳل تي هٿ ڏيو ايڏو ڇا ويٺي سوچين؟“

”سوچان ويٺي هن پياري جوڙي جي گهر ۾ جيڪو سوجهرو هجڻ کپي ان کي ماضيءَ ۾ ڪٿي ڪا ڳنڍ اچي ويئي آهي نہ تہ سيتل ۽ نيلوہئي پنهنجين ملئرن جيہي سمجهيءَ جا ستايل، نرمل، پياريون پيار ڪندڙ آتمائون آهن. نيلوءَ جي شاديءَ کان اڳ تہ مان هتيہئي هئس. سينگاپور تہ گهٽو پوءِ ويس. نيلوءَ جون چٺيون هڪہ پيرو ماٽس پڪڙيون هيون. مون کي ڏيکاري خوب رنو هئائين. چي. ”منهنجا منا ۽ ناٿ ۽ منهنجي آتما“ اهي اکر ڪنواري هوندي ڪا ڇوڪري ڪنهن ڇوڪري کي لکي تہ اها قتل ڇوري نہ چئبي؟

مون کي ياد آهي، تڏهن مونئي ويهي ڪيس سمجهايو هو تہ سياڻي، سيتل تنهنجي ٻچڙيءَ کي ايڏو پيار ڪيو آهي، جو هن جي اندر جا دروازا چئوپٽ کلي ويا آهن. هوءَ پيار جي ساگر ۾ تري رهي آهي. ڪرمئي چڏيس شادي....“

اکيون کولي ڏاڍيءَ تيزيءَ سان نيلوءَ چيو، ”ڪرمئي چڏيس شادي ۽ مميءَ جا سوليءَ طرح ڳالھ مجي هئي؟ شادي ڪرايئين؟ هڪ وڳي ۾ ويڏي پڙهئي سگهٽيہانهن ڪٽي ڏنئين منهنجيہوڪڙو سس کي. هوءَ ساري عمر مون کي ڏنيپندي رهي. تہ مان ڪٺلن جي ڏيءَ آهيان ۽ هيءُ.... هيءُ سيتل گونگو ٿهي پيو هو ماءُ جي اڳيان. ماءُ ناهي پيگ ڏيندي هئي پٽ کي ۽ مان شراب خاني خراب جيہانس کانہ نڙڪندي هئس. تنهن ڪيئن گذاري هوندي شرلبيءَ سان زندگي؟“

پون چيو، ”هاڻي تہ ڪونہ پيئندو آهي نہ؟“

”تنهن کي مان ڇا ڪريان... هٽي منهنجي موهه جي نوڙين کي ڪٽي ڪٽي ڦٽو ڪيائين. شراب ڪيڏو خانو خراب ڪيو، ور ور ڪري ڪهڙيون يوڳنائون مون ڀوڳيون، آهي ڪنهن کي خبر...“

ڪلڻ لڳو پون ”تون ته نيلو اڄ درگاهه ديوي پيئي لڳين...“

ماسيءَ چيو، ”ڏيءَ ڦلهڙ ۾ ڦوڪون ڀاڪوڀڏو اٿيئي؟ تون بلڪل ڦلهڙ ۾ ڦوڪون ويٺي ڏين رک اڏامندي سا تنهنجيءَ ئي اکين ۾ پوندي“

نيلوءَ ساڳيءَ تيزيءَ سان چيو، ”اهو توهان جو هيءَ پٽ نه اڄي ها اسان وٽ، ته مان ته آپگهات ڪرڻ واري هئس“

پون اوچتو ڪومائجي ويو.

”ته مڃين ٿي نه، آهي نه منهنجو پٽ ڪرشن ڀڳوان“ ماسيءَ جو منهن هڪ ممتا ڀريءَ خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳو. ”نيلو ڌيءَ تون هڪڙي ناهين جنهن کي منهنجي پٽ اونداهه جي ساگر مان ٻاهر آندو آهي اهڙيون گهڻيون ئي گوپيون اٿيئي منهنجي لال جون. هي ٻه هري ويو آهي سپنا پيو ورهائي...“

”ها سپنن جو سوداگر آهي“ چوندي مرڪ هلي آئي نيلوءَ جي منهن تي.

”سوداگر نه چئه، هو سپنا وڪڻي ٻه ڪين ٿو، نڪي ٺڳيندي جي سپنن ۾ ٿو اڇلي...“

”ترس ممي مان ٿو ٻڌايانس. مان ته چوندو آهيان گذريءَ کي وساري اڄ جي هر پل کي زنده پل سمجهي جيئو. اڄ جي پل مان سارو لوڀ، لالچ، غصو، اهنڪار سڀ ڪچرو ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ پيار جي ساگر تي ترندا رهو“

ٻڌاءِ منهنجي نٽ ناگر جو سهج گيان. پنهنجي گذريءَ مان ٻيو سڀ وساري ڇڏ رڳو ايترو ياد رک ته سيتلائي تو جهڙيءَ سانوريءَ کي پوتر گل سمجهي پيار ڏنو. تنهنجي من

ڪنول کي ڪوليو هو. منهنجي پون انهي ڪڙيل ڪنول مٿان ڇميل دز کي هٽائي وري تنهنجي من کي روشن ڪيو آهي.... هل پٽ پون گهر هلون.“

نيلوءَ پون کي ٻانهن تي هٿ رکي چيو، ”نه تون نه وڃ.“

ماسيءَ چيو، ”جنهن ٻه گوپيءَ ڪرشن کي ديوتا سمجهو سا اگهاڙيءَ ئي پاڻيءَ ۾ پيئي رهي ساگر ڪانٻاهر اچي وڻ تي وينل ڪرشن کان ڪپڙا نه وٺي سگهي. ڏيءَ اڄ تون سيتل ڪانٻخشاءِ جنهن چيو: مرڻ تائين تنهنجو ڏنل هيءُ زخم نه ڇٽندو. ڪٿي هٽي پاڻ سان ڪجهه ڪري نه وجهي..“

ماسيءَ جڏهن پون کي هٿ جو اشارو ڪري پنهنجي پنيان اچڻ لاءِ چيو، ”تڏهن پون ليئن سندس پنيان پنيان اچڻ لاءِ چيو، تڏهن پون ليئن سندس پنيان پنيان هلڻ لڳو جڻ ڪو پنجن سالن جوٻالڪ هجيٻاهرئين در تائين پهتو تيسين سندس اکيون نيلوءَ جي طرف ڄئي هيون.

نيلوءَ پڻ پڻ ۾ چيو، ”هيءُ به ماءُ جو مڃو نڪتو.“

# اڻاسي آزادي

ممي. سچ ٿي چوانءَ تنهنجو هي پٽ آمريڪا مان ڪرجي آيو اٿيئي“ نريش کلڻ شروع ٿي ڪيو. ڪويتا جي هن سٽ تي، ماءُ جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو. ماءُ به اجان دال چانورن کي مانيءَ جي ٽڪريءَ ۾ ويڙهي، مک ۾ وجهڻ تي هئي، جو ڌيءُ جي هيءَ ڳالهه ٻڌي ڪنڌ مٿي ڪري ڪويتا ڪيڏي ڏسڻ ويهي رهي. چيائينس ”ليڪن چو چيو تو ڪويتا؟“

”ممي ناٽڪ ڏسڻ وياسين ته چوي ٿو سهڻي ۾ سهڻي ڇوڪري سچ پچ سيني لاءِ هجڻ ڪپي هڪ لاءِ چو؟“

ماءُ چيو، ”سچ ته چوي ٿو ۽ جوانيءَ ۾ ايندي هر ڪا ڇوڪري سهڻي به ٿيو ٿي پوي....“

”تو نه سمجهو ممي“ ڪويتا چمچو ڪانٽو پليٽ تي نرڪايو. ”نريش چوي ٿو شهر جي جيڪا سهڻي ۾ سهڻي ڇوڪري هجي، سا سيني مردن کي ملڻ کپي“

”ٺڪي گهوڙا“ مميءَ ڳتي تڪڙ ۾ وات ۾ وڌي ۽ پيڪندي چوڻ لڳي ”مرد ٺڪا گهوڙا، هڻي ڇوڪريءَ کي ڇيتيون ڇيتيون ڪري ڇڏين. ويچارا رشي مني ان ڪريئي ته شهر جي سهڻيءَ ڇوڪري کي ديوداسي بڻائي ديوتا جي چرنن ۾ سوگهو ڪندا هئا...“

نريش تڪڙو تڪڙو کلڻ لڳو.... وچ ۾ هڪ پيرو چڪن جي ٽنگ چوسي ڦٽي ڪندي چيائين، ”سوگهو ڪندا هئا“ ۽ ڪنڌ جي اشاري سان پيڻ کي چيائين ٻڌيس ماٺهي جي ڳالهه....“ وري ڪجهه ياد ڪري چوڻ لڳو ”ڪويتا اهو تون کهڙو شعر چوندي آهين ”چند پل ڪنهن جوبه هجي پر چاندني سڀ جي هجي“

”مطلب؟“

”مطلب تون ئي ٻڌا“

نريش ڪلڻ لڳو.... "To hell with it" ٻچت نٿو ڪريان."

ڪلهي پي ٿيئي ڇڏا تي وي ڏسڻ وي وينا.

مميءَ جي گوڏي تي ليٽيل ڪويتا اوچتو اٿي ڪڙي ٿي "ممي هي آوازٻڌڻ رڌڻي مان؟

نوڪرياڻيءَ ڪجهه پڇو.... هاءِ الا اهو ڪارن ويئر جو سيٽ جيڪو اڄ ڪوليوسين, ان جو پيس نہ هجي....

نريش چيو, "آمريڪا ۾ نوڪر ناهن تہ انهيءَ ٻچ ڏاهہ ڪان ڇتو پيو آهيٻرتن وڏا ڏش واشر ۾مٻاسڻ سڀ صاف...."

"سڀ صاف" ماڻٻحث ڪيو. ڪويتا تہ رڌڻي ۾ نوڪرياڻيءَ ڪيڄبون ڪڍڻ لاءِ هلي ويئي

"ڇڻ تونمئي آمريڪا مان ٿي آيو آهين؟ مان ڇڻ ڪانہ ٿيمڪي آهيان پڙهي وٺان؟"

"تہ پڙهي وٺ هي تڪليفون ڪونہ هيون نہ, اهو تہ مڃين ٿي نہ" نريش ڪلڻ لڳو.

"هرڪنهن شهر جا دڪ سڪ پنهنجا آهن. ڏش واشر ۾مٻمٻاسڻ رک, صلٻڻ وجهہ, وري ٻاسڻ ڌوپي نڪرن تہ نڪاڻي لڳاءِ, هتي ملئي رک سڀ ڪم اهلئي ڪري وجي. مشينون تہ سڀ لاءِ آهن اتي مارڪيٽ مان ياڇيون ڪپن, تہ جڏهن موٽر ڪڻ, گراج مانٻاهر ڪڍ, هلاءِ, تڏهن وڃي مارڪيٽنگ ڪري اچ. هتي در تي ياڃيءَ وارو تازي ياڃي ڏيئي وڃي."

ڪويتا رڌڻي مان واپسمڪي تہ خوش ٿيئي لڳي چيئين "آواز تہ ڪيڏو ٿيو پر هيٽنگ ڏش پڃي ڪونہ پيو, رڳو ڪريو هو...."

”هاڻي ڏس چتر ليکا جي هيءَ سين“ هٿ کان پڪڙي ڪويتا کي ڪوچ تي سٽيندي نريش چيو.

”ممي، اها سين ته مون کي مس ڪرڻيءَ ئي نه هئي... الا مينا ڪماريءَ جو هي جوڳي روپ...“

”مري ويئي ئي ن ڻ“- نريش کلڻ وينو.

ماءُ چيو ”مري ته ڪلهه ڪملاوتيءَ جي راڳ تي به ويئي هئي. جپان جهڙي ملڪ ۾ رهي ٺئي آهين به، پر الاهي ملڪ گهمي آهين ڪو ڏهُ اٿيئي؟ سونهن تي مرين، راڳ تي مرين، سڳنڌين تي مرين، ڪا ڪاڏي جي شيءَ ڏاڍي پسند اچي ته به ڇئين مري ويس ممي، ههڙي سني منٺئي، آخر جاپان مان مرڻ ڪانسواءِ ڪجهه سکي به ٺئي آهين؟“

ڪويتا اٿي ماءُ جي گود ۾ وجي ڪنڌ رکيو. سندس چپن تي آڱر ڦيرائي پنهنجون ٺٺگون هلائيندي چوڻ لڳي، ”ممي هر سناڻ تي مران ٿي ٻلبر پر نريش وانگر سني شئيءَ ماري ڦٽي ڪرڻ وارا ويچار ته ناهن نه مهنجا.“

”هاڻي وينا پاڻ ۾ بحث ڪريو. ماريا آيا آهيو هڪڙو ڏکڻ کان ٻيو اتر کان رهندا هتي رڳو مهينو مس سو به وينل بحث ڪريو.“

ڪويتا ماءُ جي ڳلي ۾ ٻانهن ورائي چيو ”ڏکڻ اتر نه پشچم پورب چئه...“

ماءُ چيو ”هاڻي ڏس ڏس پهرين تنهنجي چترليکا.... وري چوندسينءَ روائند ڪريو...“

ڪويتا اجان ڪيچل جي موڊ ۾ هئي ماءُ جونجانهون ڪٽي پنهنجي گلي ۾ رکيئين

چوڻ لڳي ”توهان ممي جي ڳالهه پورب پشچم کي اتر ڏکڻ تي چوي نريش“

"To hell with it" نريش انمنيو جواب ڏنو ۽ ڏاڍي ڌيان سان پڪچر ڏسندو رهيو. هاڻي

ڪويتا بہ پڪچر جي ڪٿا ۾ ملي مئي تي ويئي.

فلم ختم ٿيڻ تائين هال ۾ ايڏي مات هئي جو ٿئي جٿن کي فلم نہ پر جيوت جو ڪو

سچ چتر پيئي محسوس ٿيو. فقط ڪنهن مهل جذبات جي ويگ ۾ اچي ڪويتا اوهہ- آمئي

ڪئي يا اکين مان ڳوڙها ٿي اگهيائين.

فلم پوري ٿينديءَ ويديو ۾ پنهنجو پاڻ رولائيد ٿيڻ شروع ٿي ويئي. ڪويتا ماءُ جي

گوڏن تان اچانڪ اٿي ويهي چيائين ”هي تہ ويديو وڏيڪ سنو ڇئبو. منهنجي ۾ تہ روئائين

ڪرڻ سانئي رولائين ٿيندي آهي“ "To hell with it" نريش ليئن چوندو هال مان وڃڻ

لڳو.

ڪويتا ٿپ ڏيئي اچي ڪيس هٿ کان پڪڙيو. ”ويهہ هتي“

ڪويتا جي ممي بہ اٿي وڃڻ لڳي ڪويتا ڪيس ڪڙتي کان پڇڪيو تہ ماءُ چيو ”سيءُ پيو

پوي مان شال ڪٽي تي اچان.... پر مان جيڪر وڃي هاڻي آرام ڪريان توهانبئي نہ وينا تہ

رات جا 12 تہ ضرور ٿي ويندا“

ڪويتا چيو: ”ليئن نہ هڪبہ تي سگهي ٿو. ڏس تہ ڪيڏن سالن کان پوءِ گڏيا آهيون....

ياڻيهہ کو مسخريءَ جي موڊ ۾ هو. جهپ هٽي سندس چوٽي پٽي چيائين ”ها هوو هو هو چمچي. سس تي اهي مسڪا نہ هٽي تہ تنهنجلهار پاڻ وٽ رکي توکي انديا گھمڻ جي موڪل ڪيئن ڏئي.“

”ڏسين ٿي ممي“ ڪويتا رڙ ڪئي, ”نريش تي سچو مٽيريلزم جو آمريڪي رنگ چڙهي ويو اٿيئي. منهنجي سس کي آهي ڇڻ مسڪن جي ضرورت.“

”هيل وٽ يوءَ سس, ڇئي نريش وجڻ تي لڳو تہ ڪويتا ڪڙتي ڪان ڇڪي ڪٽي صوفي تي سٽيس.

”ويهہ هتي... سچهڏاءِ تون ليئن ٿو سمجهين تہ مان پنهنجي سس لاءِ پاپڙ ڪچريون فقط چمچاگيريءَ يا مسڪا پالش سبب وٺي ويندي هونديس؟“

”نہ نہ ڇا؟ ڳالهہبلڪل صاف پيئي آهي. رهي تي مڻئي جاپان ۾ ۽ ڪارلڪيس تي متيرن جون ڪچريون؟“

”پليل آهين نريش. اسان جي پوربي تهذيب اهڙي آهي تہڻئي کي جو وٽي سو وس پڄندي ضرور ڪجي.“

نريش ڪوچ اڳيان رکيل شيشي جي ٽيبل تي ڏک هنيون (پهڻئي کي اهو سونهين ٿو تہ پهرئين کي چوي انديا ٿو لهين تہ جهڏو گرام خريد ڪري اچج مون لاءِ...“

”او نو نريش. تون سمجهين چو ڪين ٿو؟ هي تہ آهي نظر نظر جو ڦير. مان سس جي فرمائش کي سندس دلپسند چيزن جي گهر نٿي سمجهان... ”تون...“

"To hell with it" ٻڌحشٻند ڪويتا. مان تنهنجي جاءِ تي هجان ته جيڪر اهڙي ڪلٻ واهيات چيز وٺي وڃڻ کين چاهيان."

ان مهل ماءُ اچي ڏيءَ جي ڪلهن تي هڪ شال رکي. نريش ڪوچ جيٻانهن ۾ لڳل خانو کولي پتو ڪڍي ورتو ۽ مٺش تري ۾ سگريٽ رکي پتو کولي ماءُ کي چيڪين "سير ڪرسي.... تي وڃي...."

"مان وڃي ٿي سمهان نريش سيءُ پيو پوي."

نريش ماءُ جي شال لاهي ڪٽي ڦٽي ڪئي. تونٻه هاڻي ڪويتا جي سس وانگر جهڏي گدام جي آديواسڻ ٿيڻ لڳي آهين. ويهه هتي سيءُ ٿو پويئي ته وٺمبرعندي ڏيءَ ڏڪ....

"ڏاڍو لچو آهين نريش." ماءُ ڪرسي سيرهي پت مان شال ڪٽئين. نريش ايتري ۾ٻن گلاسن ۾ وسڪي ۾ٽئين ۾مبرعندي اوتي ورتي.

ڪويتا چيو. "منهنجي ته اڄ ڳالهين ڪرڻ جي موڊ هئي..."

"To hell with it" نريش تاڪيون ڦهلائي سگريٽ ڪنيو.

ڪويتا پٽن کي هٿئي کين لاتو ڳل کي هٿ ڏيو ويني رهي.

"ڇا جا جهازٻڏا؟ ڪندِ جا ڪينٻاروت جا؟" سگريٽ جي رک ڇڏيندي نريش سوال ڪيو.

"تونٻه ڇڏ ڪٽي پتي کي اڄ. ڪويتا جي موڊ ناهي ته...."

مگر ڪويتا رڳو سوچيئي سوچي پيئي نه. مان چوان ٿو ڪڪو پيئو غم اڙڪو. ڏس ممي. سوچ جو زمانو ٽڏهن هو. جڏهن غريبي هئي. ڪويتا جي شادي لاءِ پئساس ڪپندا هئا.

ڪويتا ڀاءُ جي ڪن وٽ مڙي چيو ”ي اهڙي آزادي اگر تنهنجي هيڊ مسٽريس جوءِ اتي وٺڻ لڳي ته؟.....“

اکيون چنيي چنيي نريش يڪٽڪ ڀيڻ طرف ڏسندو رهيو جا ٿوري جڀ ڏيکاري، اک ڀجي، پنهنجيبيڊ روم ڏي هلي ويئي.

# سڄو مان..... ايمان

سنڌوءَ جون وڏيون وڏيون اکيون ڇڻ ڪنهن ناٽڪ جلوءِ وڏا ڪليل رنگ منچ آهن. ناٽڪ جو سندس زندگيءِ ۾ هليو آهي. سوٻس سندس ڪردارئي ڪري سگهيو آهي. سمجھ جو اٿاهه درياءُ ترندو پيو اچي هنن اکين ۾. پر زندگي سندس ٻلڪلئي ٻي سمجھيءَ جو شاهي منظر هئي هاڻ تہ ليئن پيو لڳي هي سنڌوءَ جون اکڙيون اهي چوپٽ ڪليل نماٽا دروازا آهن جن جي اندران سپ ڪجھ ڪوئي چورڪئي ويو آهي....

چوڻ لڳي- ديدي خبر ناهي ڪهڙو کيل کيليو آهي قدرت مون سان، هاڻي جڏهن پڪ ٿي ويئي اٿم، تہ هن آپريشن مان مرڻ واريئي آهيان تڏهن اچي اجلئي آس لڳي اٿم تہ منهنجو هڪوار ارون سان مکاميلو ٿئي..."

مان چپ.

سندس اکين جيٻن مهاساگرن ۾ اندوئين اوپار کان ڪلئي ڪيڏا فوٽ اوچي وير اٿي... هن چپن کي پيڙي ان وير جو مقبلو ڪيو.....

اکيون اگهي چيلئين- ديدي توهين پڪئي پڪ من ۾ مون تي کلندا هوندا.

سنڌوءَ جي ڳالهہ تي کل تہ اچڻ کپندي هئي، پلا جڏهن مرڻ واريئي هئي تڏهن ارون سان ملڻ مان فئدو؟ ارون تہ پنهنجو گهر وسئي زندگيءَ جا اڳيان سيٻاب پلائي، هڪ وڏو ماڻهو ٿيو وينو آهي....

ٽڙڪندي سنڌوءَ چيو، ”مان صرف اروڻ کان پڇڻ ٿي چاهيان تہ تو مون سان ايڏو پيار ڪري ڪري آخر ۾ ڇو اڇي مون کي برباد ڪيو... ڪين شاديءَ جي ڏينهن واري عرصي ۾ لکي ٿو موڪلي ”توکي گاڏيون موٽرون ڪپڙيون هيون توکي مون سان نہ. گاڏين موٽرن سان پيار آهي... هيءَ شادي نہ ٿي سگهندي...“

وري هڪ وڏو طوفان وڌندو نظر آيو سنڌوءَ جي وڏين سهڻين اکين اندر. اوچتو اداسي ڇانئجي ويئي منجهن. جڻ منڊپ ۾ وينل ڪنوار کي ڪنڇن اڇي زوريءَ ويڏيءَ تان اٿاريو هجي ۽ چوڌاري ٽنگيل هار گل شاديءَ جا دلي دروازا سڀ ڊاهي وڌا هجن....

”تڏهن ان خط جو جواب ڇو نہ ڏنو؟“ مون آهستي چيو.

”ڏکي رکيو هوم اهو جواب. اجايو اهو مون وٽ موجود آهي انهيءَ اڌ لکيل خط جي صورت ۾... توهين ان وقت هتي هجو ها تہ هيءَ ڳالهہ گڏيءَ ڪين ها شايد....

”شايد...“ دل ۾ چيم منهنجي سياءُ تہ ڪڏهن مون سان سنڌوءَ جي رشتي جي ڳالهہ نہ ڪئي هئي. مون کي شادي ڪرڻ پرديس موڪلي ڏنائون تہ پنج سال وري سياءَ جي شڪل بہ ڪانہ ڏسي سگهي هئس. سندس پيار جي قصن جا ڪهڙا ڪهڙا داستان اٿليا هئا مان تہ بس بي خبر پرديس ۾ هئس....

آس پري نهار ڪٽي سنڌوءَ چيو ”ديدي. ان وقت فقط ٽيويهن ورهين جي خوبصورت ڇوڪري هئس مان. اڄ تہ منهنجي ڪڪيءَ جو اٺوهين سال ۾ پير آهي...“

مون سندس 23 ورهين جي جوانيءَ واري شڪل ياد ڪئي.ٻربلبر ڪافي سندر هئي سنڌو. للبتمبدن جي ڳوري ان وقتبہ هئي.

”ديدي. ارون سالن جا سال مون سان گڏ گهميو هو. پوءِبہ شاديءَ جي ڪين موقعي تي ﻣﻜين لکي موڪليڪين؟ ڇا هن منهنجي من کي پرکيوئي ڪين هو؟.... مون تہ ﻣﻜﺘن جا لک وڃڻ سهيبہ ڪيس ساٿ ڏيڻ جو پڪو واعدو ڪيو هو. پوءِبہ اڇي اڇي وچ ساگر ۾ ونجهہ ڦٽا ڪري مون کيہبيڙيءَ سوڌو ساگر ۾ ڌڪيلي ڦٽو ڪيڪين....“

”پاڻبہ تہبيڙيءَ ۾ توسان گڏ هو....“

”پاڻ تارو نڪتو. تري پار ويو. مانبڏي ويسبڏيبہ اهڙو آهيان جو اندر ۾ ڪناٺار پاڻي پرجي ويو اٿم مگر ڪنهن اس ۾ اجان تڪين پيئي جيئڻ لاءِ تاڦوڙا هڻا. هڪ وار صرف هڪ وار ارون مون کي اچي چوي ”سنڌو مون توکيبرباد ڪري ڇڏيو. تنهنجو ڪوبہ ڏوهہ ڪين هو....“

مون ٺڏو ساهہ کنيو. من ۾ چيم ”پاڻ ڪيبي ڏوهي سمجهڻ جي ڪهڙي عجيب اڇا آهي انساني من اندر.

سنڌوءَ چيو. ”مون کي تہ سندس دوست جي جوءِ ليڱن چيو تہ ارون شايد هاڻي خراب پاسي وڃڻ شروع ڪيو آهي. پر مون ڪيس چيو. هن جو ڏوهہ ناهي جوان آهي... پر آتما سندس مون سان آهي من تہ سندس مون وٽ آهي....“

”ديدي نندي ڀيڻ جي جوابداري تہ مون تي ئي هئي. ماءُ پيءُ جو سويلئي گذاري ويا ۽ مان
ڪمائڻ لڳي هئس تہ ڀيڻ کي وڏو ڪري شادي ڪرائڻ منهنجوئي فرض هو. ليڪن
منهنجي وهي ڪجھ چڙهي ئي چڪي هئي....“
”ڪاش“ مون ڪان نڪري ويو. ”ملڪ ۾ اهڙو راڄ هجي جو مائٽن يا ڀائرن ڀينرن کي پالڻ
لاءِ نياڻين جي وهي نہ قربان ڪرڻي پوي....“
”شايد عمر چڙهڻ جي ويچار سببئي مون جڻ ڊڪندڙ ريل جي زنجير ۾ ڪٽي ٻئي هٿ
وڌا.... گاڏي تہ اسٽيشن تي بيهي پر اهڙيءَ اسٽيشن تي جيڪا بلڪل ئي سنسان هئي. سچ
تہ اها اسٽيشن نہ هئي. مان تہ فقط ڏاڍي جي ٻئڱ ڪري پوڻ جو ڀانو ڪري هن
ويرانيءَ ۾ لهي پيئي هئس...
ارون تہ خط لکي شاديءَ جو ٽيڪر ڊاهي ڦٽو ڪيو هو اهڙي وقت مون ضمد ۾ اچي
ظاهر ڪيو ”کهڙو بہ ڇوڪرو هجي لولو، لنگڙو، ڪاڻو مگر منهنجي ڀيڻ کي رهڻ جي
جوابداري کڻي تہ مان ان سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان....“
مان ان سندر سنڌوءَ جي اهڙي طوفاني جذبات جو حال ٻڌي اکيون ڦاڙي ڪيس ڏسڻ
لڳيس. منهنجي دل جي دڪ دڪ تيز ٿي ويئي. مون ڇيو ”پوءِ؟“
”پوءِ.... منهنجي ساهيڙيءَ جو بلڪل ئي ڪارو ڪلوٽو ڏير ميدان ۾ لهي آيو ۽ مون
هڪدم ها ڪري ڇڏي....“

نہ پرش جانيءَ جي اها داداگيري ڇا هن کي ڪنور نہ ڪندي؟.... مگر اڄ سوچان ٿي: ڪاش.
ان مهل ان وڻ هيٺ سندس پير ۾ وڃي ويهان ها. ڪيس چوان ها ڪرشن. راڌا پير ۾ اٿيئي،
ڪا اهڙيءَ بين وڄاءِ جو غرور کان وياڪل منهنجو من ٿي پوي ٺڏيو... تنهنجي چنيءَ
سبب تنهنجي پيار ۾ شڪ اچي ويو آهي مون کي.... ڪيڏيءَ دلدل ۾ ڦاسجي ويئي
آهيان.... ان مهل شايد هو تيليءَ ٻاري منهنجي هٿ ۾ جهليل، منهنجي ڪوڙيءَ ۾ٻي
ڊنگيءَ شاديءَ جا ڪارڊ، سڀ جلائي ڦٽا ڪري ها... چوي ها ”سنڌو. جڏهن شوپارپٽيءَ جي
مندر ۾ مورتين جا هار لاهي، لڪائي لڪائي هڪٻئي کي پيئي، خوب ڪليا هئاسين....
تڏهن ڇا شادي نہ ٿي هئي اسان جي.“
سندس انهن لفظن منهنجي من ۾ هلچل تہ پيدا ڪئي مگر مان شانت ويٺي رهيس. ”مگر
ديدي ان مهل مون ڪجهہ نہ ڪيو. هو وڻ هيٺ ويٺو رهيو مان پنهنجي نرادار جو دک
چينندي هلي آيس.... ڏرمونءَ سان شادي ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، ارون جا دوست منهنجي
گهر ۾ يا. چيائون ارون تتي پيو آهي سنڌو، اسين سندس دک ڏسي نٿا سگهون....
مون چيو، ”پوءِ هاڻي ڇا ٿيندو.“
توکي پڇائي ويندا سين شاديءَ جي منڊپ مانہ...“
غصو منهنجي ڪاپار ۾ چڙهي ويو. مون چيو، توهين ڇا سنڌو نگر ۾ رهندي اهو وساري
وينا آهيو تہ توهين سنڌي آهيو، غنڊا ناهيو... هاڻي انهيءَ غنڊا گرديءَ تي لهي آيا آهيو.“
”تون ڪجهہ چئہ، اسين نہ ڇڏيندا سين توکي....“

”چو پوليس کانهي ڇا هن ملڪ ۾؟...“ ”ديدي ليئن ڌمڪيون ڏيئي سندس دوستن کي هٽائي ڇڏيم.“

”سنڌو تو ليئن ڇو ڪيو. تنهنجي ارون جڏهن اتاهه دک پوڳيو هوندو تڏهن وجي سندس دوست ايڏو قدم کڻڻ لاءِ تيار ٿيا هوندا... اهو تو ڇو نه سوچيو.“

”مگر ديدي. مان بلڪل انڌي هئس. پنهنجو پاڻ سان ڪوڙي ٿي پيس. مون چيو، مان هڪ پيرو ارون منهنجي دل تان ڪريو سو ڪريو، هاڻ نه ٿي سگهندو ڪجهه..... ۽ مان ڄڻ روشنيءَ طرف اکيون بند ڪري پري ڪنهن اونداهي جهنگل طرف نڪري پيس. شاديءَ جي سهاڳ سيج ۾ منهنجن ڪنن ۾ ٻڌو- ڏس سنڌو تون اجايو شرم نه ڪر تون ته منهنجي زال آهين، مون پنهنجي پاڻ کيءَ ڪي‌ئي نه ڇڏيو سو توکي ڇا ڇڏي ڏيندس. آ.... آ.... ديدي جهڪ ناچڻي وجهي گل چنبڙايو ويو منهنجي سيني مٿان.... منهنجو ارون هو پوتر جل ۽ هي ڌرمون؟.... پوءِ ته ڌرمونءَ جي اڌ رمي ويچارن جا کهڙا داستان ٻڌايان توهان کي. ڪيئن نياڳيون منهنجي شاديءَ کان اڳ ٻئي ساڻس ڪيل ڪنديون رهيون هيون....“

”وري اٿلي پيو آهي نه تنهنجو من. سنڌو. روءِ نه. جو ٻيت گئي سو ٻيت گئي.“

نه ديدي ڏاڍو گهڻو سوچيو اٿم، پر من هڪ ضد تي چڙهي ويٺو آهي. صرف هڪ پيرو مان مرڻ کان اڳ کيس ڏسان....“

ديديءَ چيو ”توکي فقط پريان سندس شڪل ڏيکاريان ته ڪيئن؟“

”نہ ديدي“ سنڌوءَ ديديءَ جلهئي هٿ جهلي نيزاري ڪئي، ”پهرين سندس من تان مون لاءِ ميل لاهي ڏي. هو مون کي ئي ڏوهي ٿو سمجهي. منهنجين ساهيڙين کي هميشہ ليئڻ ئي چوندو رهيو آهي تہ سنڌو کي موٽرون گاڏيون کپنديون هيون... مگر مان سچ ٿي چوان، ڪٿين اصل ڪين هو. هي فقط سندس ۽ منهنجي وچ ۾ ڪوڙي سڱو مان جو ٽڪر هو هن کي ايمان هو پنهنجي قلبت جو ۽ مون کي ايمان هو پنهنجي درجي جو. پنهنجو خريد ڪيل گهر، سٺي نوڪري سٺو فرنيچر شاندار مٿ ملڪٽ، پلي ماءُ پيءُ نہ هئم پر ڏاڏاڻا ناناڻا اميرہ هئا تہ پڇندلہ هئا...“

ڊگهو ساهہ کنيو ديديءَ.

”هڪو ديدي توهان هيءَ آهہ شاد ان ڪري پري جو ايمان کي سومان سمجهي اسان پريت جو ناتو نہ نڀايو...“

ديديءَ چيو، ”سنڌو، مگر پريت جو ناتو اڃہ تجہ نٿي نبيڪڻ چاهين.“

ديدي ليئن هجي تہ آخري گهريءَ ۾ ساڻس ملڻ لاءِ چو تڙقان ها.“

”سنڌو تو هن سان شادي نہ ڪئي ساهيڙي تہ رهئينءَ. هن شادي ڪئي، هيڏو سارو پٽ اٿس. هر سکي منهنجي جيوت گذاري رهيو آهي. تون کيس آخري پلن مهل ملي سندس من تان ايمان کي سومان سمجهڻ جو پردو هٽائي کيس پنهنجي پيار جو چنڊ اجلو ڪري ڏيکارڻ ٿي چاهين. نتيجو ڇا نڪرندو؟“

”ڪهڙو نڪرندو نتيجو ديدي. مانڻئي نہ هونديس تہ منهنجو ڇا رهندو, جو سندس سڪي جيوت ۾ رخنو وجهندو؟“

”مني تون نٿي سمجهين. ٿي سگهي ٿو هن ڀاونا ڀرئي شخص کي تنهنجي سڪي پريم جي ياد تڙڦڻ شروع ڪري ڇڏي نہ.

”ديدي. تڏهن ڇا لاءِ ڀاري رکي هئم هيءَ آس جي لاٽ؟“

ديديءَ ڏنو سنڌوءَ ڪنڌ هڪ طرف لاڙي ڇڏيو هو. سندس اکين وٽ پاڻيءَ جا ڦڙا چمڪي رهيا هئا. ديدي اٿڻ لڳي تہ ڏٺائين سندس ساڄيءَ جو پلئہ سنڌوءَ جي هٿن ۾ پڪڙيل هو. روئي چيو سنڌوءَ, ”تڏهن ديدي هي غلط فهمي مانڻبئي جهان ۾ ئي پاڻ سان گڏ کڻي وڃان؟

ديديءَ سنڌوءَ جي مٿي تي هٿ رکي چيو, ”هن غلط فهميءَ جي .... اگر سندس پنهنجي زال لاءِ ارون وجي هلي تہ؟ پٽ کي ڌ ڪارڻ لڳي تہ....؟“

”او نہ.... او نہ.... ڌرمونءَ هميشہ منهنجي پٽ کي ڌ ڪاريو. وري وري چوندو هوم هي پٽ منهنجو نہ ارون جو هوندو..... ديدي ڪهڙا آهن هي مرد. هئو مون کي تڏهن ارون جي غلط فهمي قبول آهي... مرڻي تہ هونءَ ئي آهيان ڪئنسر ڪنهن کي ڇڏيو ہ آهي.... تہ پڇوءِ سندس گهر ۾ ڦوٽ وجهان....“

ديديءَ ڏٺو نيڪيءَ ڀرئي پرڪاش سان سنڌوءَ جو منهنبهڪي پيو هو. ديديءَ ذرا جهڪي سنڌوءَ جي نراڙي چمي ورتي ۽ اٿي ڌيري ڌيري هلي ويئي. هن ڀيري سنڌوءَ

**سندس پلءَ کي هٿن مان خوشيءَ خوشيءَ گسڪڻ ڏنو ۽ گسڪي آيو سندس ڪنڌ ۾ وهاڻي تان**